ڊاڪٽر مهر خادم

# شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ لوهار جي پورهئي جي عظمت

**Abstract:**

*Shah Latif is globally known as a mystic poet. His poetry depicts the pain of Sussui, love and commitments of Marvi and the sacrifices of Suhni. Shah Latif not only highlights spiritual and social aspects of Sindhi society but also exhibits romantic and revolutionary waves through his poetic message. In addition to the aforementioned elements, Latif has also discussed various trades and professions in his poetry. This research paper studies the dignity of blacksmith in Latif's poetry. Content analysis method is used to carry out the study findings which suggest that Latif has illustrated the said profession in his poetry quite remarkably. This study shall prove to be a fine addition to the subject of Latifiyat.*

**لوهر** يا لوهار سنڌ ۾ هڪ ذات آهي. سنڌ ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي ذاتيون آهن، جن جي سڃاڻپ سندن ڪِرت يا ڌنڌي سان آهي. لوهه جي ڪم ڪندڙ مٿان 'لوهار يا لوهر' – ڪپڙو ٺاهيندڙن مٿان 'ڪوري'- جتيون ڳنڍيندڙن ۽ ٺاهيندڙن مٿان 'موچي'، مڇي ماريندڙن ۽ وڪڻندڙن مٿان 'ماڇي' ٺڪر جا ٿانوَ ٺاهيندڙن ۽ وڪڻندڙن مٿان 'ڪنڀر يا ڪنڀار' نالا پئجي ويا آهن. سنڌ ۾ ان قسم جي ڌنڌن يا ڪاروبار ڪندڙن کي صديون گذري ويون آهن، تڏهن ئي ته انهن جي، اهي ڌنڌا سڃاڻپ بڻيا آهن. "تاريخدان ۱۵۰۰ ق.م کان لوهه جو دور ڳڻين ٿا."[۱] سنڌيڪا لغت مطابق، لوهار جي معنيٰ ۽ وصف، هن طرح ڄاڻائي وئي آهي.

"لوهارُ: ص. لوهه جو ڪم ڪندڙ- آهنگر- حداد."[۲]

شاهه لطيف جي رسالي جي پهرين سُر ڪلياڻ کان وٺي، آخري سُر بلاول تائين يا ڪيڏاري تائين لوهار جي ٺهيل شين جو ذڪر موجود آهي. پهرين سُر ڪلياڻ ۾ ڪاتيءَ جو ذڪر ٿيل آهي. جيڪا به لوهار جي ايجاد آهي.

ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهه، ڳن وڍيندڙ هٿ ۾،
پسيو پر عجيب جي، لڇيو وڃي لوهه،
عاشقن اندوهه، سدا معشوقن جو.[۳]

سُئي، جنهن کان سبڻ جو ڪم ورتو ويندو آهي، آر، جنهن سان پرت پريو





ويندو آهي. گهنڊ/چڙا، جيڪي پالتو جانورن جي ڳچين ۾ ٻڌا ويندا آهن. چنگ، جنهن مان من کي موهيندڙ آواز ۽ سُر ڪڍيا ويندا آهن.. ڏاٽو جنهن سان هاري لابارو ۽ پنهنجي مال لاءِ گاهه لُڻندا آهن. اهڙيون سوين هزارين شيون، لوهار جي ئي هٿان ٺهي جُڙي عام ماڻهن تائين پهچن ٿيون، جن جي مدد سان خلق خدا فائدو حاصل ڪري ٿي.

سنڌ ۾ لوهرن جون ٽي ذاتيون مشهور آهن. 'لوهار، آهنگر ۽ حداد' لوهر جي دڪان تي به اڪثر ٽي ماڻهو ڪم ڪندا آهن. هڪ ڇوڪرو هوندو آهي، جنهن جي عمر ٻارنهن کان پندرنهن سالن جي هوندي آهي، ٻيو نوجوان هوندو آهي، جنهن جي عمر ارڙنهن کان ٽيهه سالن تائين هوندي آهي ۽ ٽيون پڪي عمر جو مرد هوندو آهي، جنهن جي عمر پنجٽيهه يا چاليهه سالن کان سٺ يا پنجهٺ سالن تائين هوندي آهي. لوهه جي ڪچي ذات کي 'پهڻ' سڏيو ويندو آهي. لوهه جون ٽي صورتون ٿين ٿيون، هڪ 'پالٽو'، ٻيو 'گهاڙو' ۽ ٽيون رُڪ. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ موجب: 'پهڻ'، ڪچي ذات هوندو آهي، جنهن کي پگهاري پهريائين پالٽو لوهه، پوءِ گهاڙو لوهه ۽ تنهن کان پوءِ صاف رُڪ ڪڍندا آهن."[۴]

لوهار جي دڪان تي، 'ڌمڻ يا ڌنوڻ' موجود هوندي آهي. ان جي پر ۾ 'سانداڻ يا سنداڻ' ۽ ٽيون هڪ تغاري يا ڪُونر هوندو آهي، جنهن ۾ پاڻي پريل هوندو آهي. ڌمڻ يا ڌنوڻ، ڪاٺ سان جڙيل چم جي هڪ وڏي ڳوٿري ٿيندي آهي. ان کي 'ڏوڏو'، جيڪو نئون سيڪڙات هوندو آهي، ڇڪيندو رهندو آهي. "ڏَوِڻ جي منهن مان هوا زور سان ٻاهر نڪرندي آهي ۽ سندس منهن ۾ اگر رکيا ويندا آهن، جو تيز ٻرندا آهن. ان تيز باهه جي ڪري لوهه ٻرندو آهي."[۵]

ٻرندڙ لوهه کي سانداڻ تي رکي لوهار ۽ هٿوڙن ۽ مترڪن سان ڪنهن اوزار جي صورت ڏيندا آهن. اوزار جي صورت وٺڻ کان پوءِ ان کي پاڻيءَ جي تغاري يا ڪُونر ۾ وجهندا آهن. ڪجهه وقت ان کي پاڻي ڏيئي وري باهه ۾ وجهندا آهن ۽ ائين ئي ٽي ڀيرا ان عمل ڪرڻ کان پوءِ اهو لوهه مان ٺهيل اوزار جڙي راس ٿي ڪا شڪل ۽ صورت وٺندو آهي .پورهيو ، ذهني به ٿيندو آهي، ته جسماني به، ٻنهي صورتن ۾ انسان جو پورو وجود تحرڪ ۾ رهندو آهي. ٻنهي قسمن جو پورهيو ڌيان ۽ توجهه چاهيندو آهي، تڏهن ئي اهو پورهيو ڪو نتيجو ۽ ڪا نئين شيءِ جوڙڻ ۾ مدد گار ثابت ٿيندو آهي.

شاهه لطيف جي سر يمن ڪلياڻ ۾ به تير ۽ تير جي اڳين لوهي ڇهنب جو ذڪر

ٿيل آهي. جنهن کي شاهه لطيف 'ناٿُڪ' جي لفظ طور ڪم آندو آهي.

جت حبيب هٽن، ناٿُڪ ڀري نينهن جي.(٦)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جو مشاهداتي ۽ زميني حقيقتن جي سچائين جو شاعر آهي، جنهن جو فڪر سنڌ ڌرتيءَ کان شروع ٿيندي پوري عالم تائين پکڙيل آهي. در اصل سندس فڪر، انسان جي فطري حقيقتن سان جڙيل آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، جتي پنهنجي شاعريءَ ۾ مشاهدي ذريعي زميني حقيقتون بيان ڪيون آهن، اتي پورهيتن جي ڪاريگري هُنر جي به واکاڻ ڪئي آهي. پاڻ، جتي ڪاتب جي ڪاريگريءَ سان لام کي الف سان ملائي لکڻ جي تعريف ڪندي چوي ٿو. 'ڪاتب لکين جِتَن لايو لام الف سين'، ته اتي ڪپهه ڪتيندڙ جي ڌيان ۽ توجهه جي به ساراهه ڪندي چوي ٿو. 'اٺئي پهر آرٽ سين، جي ڪتن ۽ ڪنبن'، شاهه عبد اللطيف ڀٽائي جتي دلن، متن ۽ ڪنگرين ٺاهيندڙ ڪنڀار جي پورهئي کي ساراهيو آهي. اتي لوهارن جي هنر جي به تعريف ڪئي آهي.

سر بلاول ۾ پڻ لوهار جي ٺاهيل شين جو ذڪر آهي. انهن شين ۾ پاکوڙي ۽ تيغن جو ذڪر ٿيل آهي، جيڪي لوهار جي هنر جي ڪماليت کي ظاهر ڪن ٿيون. پاکوڙي، رڪاب کي چيو ويندو آهي. جيڪا لوهه جي ٺهيل هوندي آهي. گهوڙي تي چڙهندڙ سوار پنهنجو پير انهن رڪابن ۾ قابو جهليندو آهي.

اٺئي ته آجي ٿيان، پائي پاکوڙي پير(٧)

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جتي لوهارن جي عظمت کي ساراهيو آهي. اُتي لوهه ۽ رُڪ کي به مختلف معنائن ۽ محاورن ۾ استعمال ڪري، ان جي اهميت کي به واضح ڪيو آهي. لوهه مضبوطيءَ جي علامت آهي، لوهه قيد ۾ بند هجڻ جي معنيٰ طور به استعمال ڪيو ويندو آهي. رُڪ ، لوهه جي مضبوط ترين صورت آهي. جيڪا ڪڏهن به ڀڄندي ناهي. لوهار ئي اها هستي آهي، جيڪا لوهه مان جنگي اوزار جوڙي قوم، کي طاقتور بنائيندي ٻاهرين حملي آورن کان بچائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندي رهي آهي. شاهه جي رسالي ۾ سر ڪيڏارو ۾ پڻ لوهار جي ٺاهيل جنگي اوزارن جو ذڪر ملي ٿو. ان سان گڏوگڏ لوهه جي آخري مضبوط صورت 'رڪ' جو پڻ اظهار ڪيو ويو آهي.

عليءَ پٽ اميرَ، ڪندا راڙو رڪ سين.(٨)

سر ڪيڏارو ۾ لوهار جي ٺهيل تيغن، ترارن ، تيرن ۽ ڀالن جو پڻ ذڪر ملي





ٿو. لوهار، اوزار جوڙي، زرعي سهولتون به مهيا ڪيون آهن، ته خون خوار جانورن ۽ دشمنن جي حملن کان بچڻ لاءِ هٿيار به مهيا ڪيا آهن. ڀالا، ڍال، تيغ يا ترار جهڙا اوزار جُوڙي قومن جي سگهه کي وڌيڪ طاقتور بڻايو آهي. اڄ جي جديد دور جا جنگي اوزار در حقيقت لوهار جي ٺاهيل هٿيارن جون نيون شڪليون آهن، جديد دؤر کي، درحقيقت اها سوچ لوهار جي ٺهيل اوزارن ئي مهيا ڪئي آهي. شاهه لطيف، دشمن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ، جنهن حڪمت عمليءَ جو ڏس ڏيندي، وڙهڻ جو طريقيڪار ٻڌايو آهي. ان ۾ لوهار جي ٺاهيل هٿيارن جو به ذڪر ملي ٿو. جنهن جي صورت سُر ڪاموڏ ۾ هن طرح ملي ٿي.

سورهيہ مرين سوڀ کي، ته دل جا وهم وسار،
هڻ ڀالا وڙهه ڀاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
مٿان تيغ ترار، مار ته مٿارو ٿيين.(٩)

شاهه لطيف، هن بيت ۾ جتي لوهارن جي هٿن سان ٺهيل هٿيارن جو ذڪري ڪري ٿو، اُتي قومي ويڙهاند ڪندڙ سورهيہ کي سوڀاري ٿيڻ لاءِ ويڙهه جي طريقيڪار کان به آگاهه ڪيو آهي، ته جيڪڏهن سوڀ لاءِ وڙهين ٿو ته، پهريان دل ۾ ايندڙ وهمن کي ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪر. ان کان پوءِ ڀالن ۽ ڀاڪرن سان به ويڙهه ڪر، پنهنجي ڍال کي به مضبوطيءَ سان پڪڙي رک، ترار جي مٿان ترار هڻ، ته جيئن توکي سوڀ حاصل ٿئي.

سُئيءَ جو ڪم ڳنڍڻ آهي، سُئي ڌار ٿيل شيون ڳنڍيندي آهي، ان سُئيءَ جو خالق به لوهار ئي آهي. شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ سُئيءَ کي علامت بڻائي چا ته تمثيل جوڙي آهي! شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سُئي ساهن کي سبڻ جو ڪم ڏئي ٿي. سنهي سُئي وجود ڳنڍڻ جو به ڪم ڪري ٿي. لوهار جي ٺاهيل سنهي سُئي، ڪن ٽوپڻ، جو به ڪم ڪري ٿي. ڪن ۽ نڪ ٽوپڻ کان پوءِ عورتون پاڻ کي خوبصورت بنائڻ لاءِ زيورن جو به استعمال ڪنديون آهن. شاهه لطيف لوهار جي هٿان ٺهيل سُئيءَ کي به سُر مارئيءَ جي بيت ۾ ساهن سبڻ جي اوزار طور ظاهر ڪيو آهي.

سنهيءَ سُئيءَ سبيو، مون مارن سين ساهه،
ويني ساريان سومرا!، گولاڙا ۽ گاهه،
هنئون منهنجو هُت ٿيو، هت مٿي ۽ ماهه،
پکن منجهه پساهه، قالب آهي ڪوٽ ۾.(١٠)

شاهہ لطيف، سُر مارئيءَ جي هڪ بيت ۾ لوهارن جي ٺاهيل سنهي سُئيءَ کي وجود ڳنڍڻ طور ظاهر ڪري ٿو.

سنهي سُئيءَ سبيو مون ماروءَ سين من،
هٽي ڪٽڻ حلم جا، تهہ وڌائين تن،
ڪيئن ٽوپايان ڪن، اباٽي ابر ريءَ.(۱۱)

شاهہ لطيف جو ڪمال اهو بہ آهي، تہ هڪ شيءِ يا اوزار جا ڪيترائي نالا پڻ ڄاڻائي ٿو. جيئن مٿين بيت ۾ سُئيءَ جو ٻيو نالو ابر طور استعمال ڪيو ويو آهي. مٿيئن بيت ۾ شاهہ لطيف خيال جي حساڪي بہ ڪمال جي ڪم آندي آهي. سنهي سُئيءَ کي ٻن دلين يا وجودن کي ڳنڍڻ طور ڪم آندو آهي. سنهي سُئيءَ مارئي جي دل محبوب سان جوڙي آهي. ان جوڙڻ ۾ تن تي جيڪي تهہ رکيا تا وڃن. اهي بہ انتهائي نرميءَ ۽ سمجهداريءَ سان رکيا وڃن ٿا. مارئي تہ پرائي سُئيءَ کان بہ نفرت ڪري ٿي. عمرڪوٽ جي سُئيءَ سان نڪ ٽوپائڻ کي بہ عيب سمجهي ٿي. مارئي هر طرف کان مزاحمت جي علامت آهي. عمر يا جابر جي هر شيءَ کان نفرت ۽ بغاوت جو درس مارئيءَ جي ڪردار مان ملي ٿو. عمر جو محل، عمر پاران آڇيل پَٽُ ۽ ريشم جا ڪپڙا ۽ شالون، ڳهہ، ڳنا ۽ زيور، بادشاهي طعام، سڀ مارئيءَ جي مارن سان محبت آڏو خسيس ۽ نہ هئڻ جي برابر آهن.

پانڌي ! چئج پرينءَ کي، جورِ هئي جانا.
پيڪڙا پيرن ۾، ڪراين ڪانا
آن ريءَ امانا، گهنگهر گهاريان ڏينهڙا.(۱۲)

مارئي، راهہ ويندڙ کي مخاطب ٿي چوي ٿي، تہ منهنجي پيارن کي اها ڳالهہ زور ڏئي چئجانءِ، تہ مارئيءَ جي پيرن ۾ لوهي ٻيڙيون لڳل هيون ۽ هٿن جي ڪراين ۾ ڪڙا ۽ ڳٽ هئا ۽ چوي پئي تہ مان توهان کان سواءِ بي ماني آهيان ۽ مان هتي قيد ۾ ڏينهن گذاري رهي آهيان.

قيدين کي قابو ڪرڻ لاءِ بہ لوهارن جي مدد ورتي ويندي آهي. پيرن ۾ ٻيڙيون هٿن ڪراين ۾ ڪڙا، اهي سمورا اوزار ۽ سامان لوهار جا هٿ ئي گهڙيندا ۽ ٺاهيندا آهن.لوهار جنهن کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، پنهنجي شاعريءَ ۾ "آڳڙيا، لوهار ۽ ڏوڏيا" سڏيو آهي. سندن پورهئي کي پنجن حصن ۾ ورهائي ٿو.





(i) هو لوهار آهن، جيڪي باهہ جا مچ ٻاري، ان ۾ لوهہ جون شيون تلوارون، کهاڙيون،ڪاتيون ، ڏاٽا، زنجير، ڪڙيون ۽ ڪوڏريون، وغيره وجهي، سانداڻ تي رکي، انهن کي ٻنهي پاسن کان ڌڪ هڻي، ڪٽ لاهي، رُڪ ظاهر ڪري شيون تکيون ۽ تيز ڪن ٿا. هي صرف ٺهيل شيون ئي ٿپي تيز نہ ٿا ڪن، پر پنهنجي ڪاريگريءَ سان نيون شيون ۽ اوزار بہ ٺاهن ٿا.

(ii) ڪو بہ سيکڙاٽ، ماهر هئڻ جي دعويٰ نہ ٿو ڪري سگهي، جي سيکڙاٽ مهارت ڏيکاريندو تہ وقت ۽ سامان جو زيان ڪندو. سيکڙاٽ کي صبر ۽ تحمل سان پنهنجي ڪم ڏانهن ڌيان ڏيڻ جي ضرورت هوندي آهي. اهڙي عمل سان ئي شاگرد مهارت حاصل ڪري سگهي ٿو.

(iii) اُهي ڄاڻا جوان، طاقتور ۽ باهہ جو تيڪ سهندڙ آهن. ڪنهن نئين شيءِ جي وجود لاءِ پختي ارادي ۽ مهارت جي ضرورت هوندي آهي. انهن جو ذهني ۽ جسماني طور تندرست هئڻ ضروري آهي. سندن لڳاتار محنت ۽ جدوجهد سان لوهہ کي رجائي، ميڻ ڪرڻ جي قوت پيدا ٿئي ٿي. باهہ جو تيڪ سهندڙ ئي لوهہ کي موڙڻ جي صلاحيت رکندا آهن.

(iv) انهن جي ڪم جي اهميت آهي، اهي اهڙا ماهر آهن، جو ڪڙي سان ڪڙو ملائن ٿا. ماهر جي هٿان جيڪو اوزار تيار ٿئي ٿو اهو پائيدار ڏسڻ وٽان هوندو ۽ ان جو مُلهہ ۽ قدر هوندو. جڏهن ڪڙي سان ڪڙو ملي ٿو تڏهن ئي نئين طاقت وجود وٺي ٿي. هن مان جهڙوڪر اسان کي اتحاد جي بہ نصيحت ملي ٿي.

(v) اهي پيار، محبت ۽ عشق جا سبق سيکاريندڙ آهن. آهستگيءَ ۽ مهارت سان نئين شيءِ ٺاهڻ لاءِ هڪ خاڪو هوندو آهي. جنهن جي مدد سان شيون جوڙڻ شروع ڪيون وينديون آهن. شيون ٺاهڻ لاءِ تڪڙ کان ڪم نہ ورتو ويندو آهي پر آهستگيءَ ۽ مهارت سان شيون جڙڻ شروع ڪنديون آهن. پيار، محبت ۽ مهارت سان جڙي راس ٿيل شيون. وقت ۽ ثابت قدمي گهرنديون آهن. اهي بہ جهڙو ڪر عشق جي ميدان جيان زندگي گهرنديون آهن. شيون يا اوزار جوڙي راس ڪرڻ لاءِ لوهار کي ڪيترين ئي مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پوي ٿو، تڪليفون سهڻيون پون ٿيون، تڏهن ئي ڪيس ڪاميابي حاصل ٿئي ٿي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڪچي لوهہ جي ذات کي بہ پهڻ، پٿر سڏي ٿو، جڏهن ماهر لوهار ان کي باهہ ۾ وجهي ٻنهي پاسن کان ڌڪ هڻن ٿا، تڏهن ئي

ان جو ڳار نڪري ٿو. ۽ اهو لوهه پوءِ رُڪ جي صورت اختيار ڪري ٿو. ڪچي ڌات مان رُڪ ظاهر ڪندڙ ماهر، لوهار ئي هوندا آهن. شاهه لطيف، انهن جي تعريف هن طرح ڪري ٿو.

پچائي پهاڻ، جن رساٽئيو رُڪ کي،
تنين سنڌو چاڻ ، آهي آڳڙين کي.(١٣)

هن بيت مان اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته، نوس شيون ڪيتريءَ محنت کان پوءِ حاصل ٿين ٿيون. اصل شيون ماهر ئي ظاهر ڪري سگهن ٿا. شاهه لطيف، هڪ سيڪڙات لوهار کي، تلقين ڪري ٿو، ته تون اجان سيکڙات آهين. پاڻ کي آڳڙيو نه سمجهه. تون اجان باهه جي ويجهو نه ٿو وڃي سگهين. تون باهه کي هوا ڏئي ٻاري سگهين ٿو، ڌنوڻ هلائي سگهين ٿو، پرتو ۾ باهه جا اُلا سهڻ جي سگهه نه آهي، اجايو چوندو پيو وتين ته تون آڳڙيو آهين. شاهه لطيف، پنهنجي شاعريءَ ۾ سيکڙات لوهار کي ڌوڏيو سڏيو آهي.

ڌوڏا ! تون نه ڌنئين، آڳ اوڏو نه وڃين!
اُلا جي عشق جا، سي تان تون نه سهين،
اُيو ايئن چئين، ته آءٌ، آڳڙيو آهيان!(١٤)

شاهه لطيف، مٿئين بيت ۾، جهڙوڪر هڪ قسم جي تلقين پڻ ڪري رهيو آهي ته، پاڻ کي جلدي ماهر سمجهڻ واري روش ختم ڪريو. اهڙي تڪڙ ڪرڻ سان، ڪو به ماهر ٿي نه ٿو سگهي. ماهر ٿيڻ لاءِ ڪشالا ڪيڏا پون ٿا ۽ تڪليفون سهڻيون پون ٿيون. تڏهن ئي ڪا شيءِ جُڙي سامهون اچي ٿي.

آڳڙيا/ لوهار، جڏهن مچ تي ميڙو ڪن ٿا، تڏهن ڪٽ ڪڙهي ٿي.- لوهه ٻري ٿو، مترڪا منهن ڪڍن ٿا ۽ سانداڻيون ڏڪن ٿيون.

ڪٽُ ڪڙهي لوهه ٻري، ڌوڏا جت ڏڳن،
مترڪن منهن ڪڍيا، سانداڻيون سَڪن،
اڄ پڻ آڳڙين، ميڙو آهي مچ تي.(١٥)

هن بيت ۾ شاهه لطيف، لوهارن جي ٽاڪ يا دڪان جو پڻ منظر پيش ڪري ٿو، جتي لوهار باهه جو مچ ٻاري، لوهه تپائي، لوهه جي ڪٽ لاهڻ لاءِ، پنهنجي شاگرد هٿان، لوهه کي هٿوڙيون هڻائي ڪٽ يا ڪچ لارهائي پيو. هٿوڙين کان پوءِ وڏا لوهه جا مترڪا، لوهه کي هنيا ويندا آهن. جنهن سبب لوهه مان ڪو اوزار شکل وٺندو آهي.





ڪنهن اوزار جي شکل وٺڻ لاءِ لوهه کي مترڪا هنيا ويندا آهن، جنهن ڪري سانداڻين ۾ به ڏڪڻيون پئجي وينديون آهن.

شاهه لطيف، لوهارن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ سُوڌا، معنيٰ صادق، سچاڻ ۽ ساجاهه وند سڏيو آهي. سندن تعريفون هن طرح ڪري ٿو.

اڄ آڳڙيا آئيا، سُوڌا سراڻي،
پياري پاڻي، تيغون ڪندا تکيون.(١٦)

شاهه لطيف، مٿئين بيت ۾، انهن آڳڙين (لوهارن) جو ذڪر ڪري ٿو. جيڪي پنهنجي ڌنڌي يا ڪاروبار سان سچا آهن. اهي تلوارن کي تکو ڪرڻ لاءِ باهه ۾ وجهن ٿا، انهن کي تپن ٿا، ۽ ماهراڻي طريقي سان تلوارن کي پاڻي ڏين ٿا. لوهه جي شين کي پاڻي ڏيڻ به هڪ مهارت آهي ۽ لوهارن کي خبر آهي ته ڪنهن اوزار کي ڪيترو ۽ ڪهڙي طرح پاڻي ڏيڻو آهي. شاهه لطيف، انهن ماهر لوهارن جي تعريف ڪئي آهي، جيڪي پنهنجي ڪرت سان سچا آهن.

اڄ آڳڙيا آئيا، سائو ڪي سچاڻ،
لاهيندا موريا، رُڪ ڪريندا پڌرو.(١٧)

مٿين بيت ۾ شاهه لطيف، انهن ماهر آڳڙين جي ساراهه ڪري ٿو، جيڪي پنهنجي ڪم جي ڄاڻ رکن ٿا. انهن کي اها ڄاڻ آهي ته لوهه تان ڪٽ ڪيئن لهندي آهي ۽ ڪيئن رُڪ ظاهر ڪيو ويندو آهي؟ شاهه لطيف انهن جي مهارت کي هن بيت ۾ ساراهيو آهي.

سُرها ڏنم سي، جن ساجاهه سراڻ سين،
تيغ تنين جي کي، ڪٽ نه لڳي ڪڏهن.(١٨)

مٿئين بيت ۾ شاهه لطيف، انهن لوهارن کي خوش ڏسي ٿو. جن کي سراڻ جي ساجاهه آهي. جيڪي پنهنجي هنر مان خوش ۽ مطمئن آهن. انهن جو اهو هُنر سدائين رهڻ وارو آهي ۽ اهي پنهنجي هُنر کي وسارڻ وارا نه آهن، تنهنڪري ئي انهن جي ٺاهيل تلوارن کي ڪڏهن ڪٽ چڙهي نه آهي. اُهي پنهنجو ڪم خوشي ۽ اطمينان سان ڪن ٿا.

شاهه عبد اللطيف ڀٽائيءَ، ماهر لوهار کي هڪ ڪامل مرشد جهڙي حيثيت ڏني آهي، جيڪو ڪچي لوهه کي رُڪ ۾ تبديل ڪري ڪارائتو بڻائي ٿو.

سِر سانداڻ ڪري، پچج گهر لوهار جو،
ڏکن هيٺ ڌري، مان گڏينئي رُڪ سين.(١٩)

هن بيت جو پسمنظر بيان ڪندي ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر لکي ٿو: ”شاهه صاحب هن بيت ۾ لوهار جي حيثيت هڪ مرشد جهڙي ڏيکاري آهي، جنهن ۾ تمنا ڪيل آهي ته ’مان گڏينئي رُڪ سين‘ ۽ اهو به تڏهن ، جڏهن پنهنجو سر لوهار اڳيان ايترو ته فرمانبرداري ۾ حڪم جي تحت رکجي، جو سڏارڻ وانگر هجي، جنهن تي لوهار، لوهه کي رُڪ ۾ تبديل ڪندو آهي.“[۲۰]

آخر ۾ شاهه لطيف لوهارن جي هنر کي مانُ ڏيندي، پنهنجي پيار جو اظهار ۽ پيار جي ڳانڍاپي کي لوهارن جي ڪڙي سان ڪڙو ملائڻ واري هنر سان پيٽا ڏئي ان جو اظهار ڪري ٿو.

ڪڙو منجهه ڪڙي، جيئن لُهار لپيٽيو،
منهنجو جيءُ جڙي، سپيريان سوگهو ڪيو.[۲۱]

جهڙي طرح لوهارن، زنجير ۾ ڪڙي سان ڪڙو ملايو آهي منهنجو محبوبن سان به ائين ئي جيءُ جڙجي ويو آهي. شاهه لطيف جي هن بيت ۾، هيءَ تشبيهه به مشاهداتي آهي. اهو شاهه لطيف جو ڪمال آهي، جنهن سنڌ جي پورهيتن جي عظمت کي به پنهنجي شاعريءَ ۾ اُجاريو آهي. انهن جي پورهيي جو مشاهدو ڪري، انسانن کي ڪي ڏس پتا ۽ علمي دانائيءَ جا سبق ڏنا آهن. ڪڙي سان ڪڙو ملائڻ واري علامت، قومي وحدت کي به ظاهر ڪري ٿي ته رشتن ۽ ناتن کي برقرار رکڻ جو ڏس به ڏئي ٿي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مختلف علامتون ۽ تشبيهون ڏيئي، ايڪي اتحاد جو سبق ڏنو آهي. هنن بيتن مان اها ڄاڻ به ملي ٿي ته ڪو به ڪاروبار خسيس نه آهي، هر ڌنڌي جي پنهنجي اهميت آهي. شرط اهو آهي ته ان ۾ پورو توجهه ۽ مهارت هجڻ گهرجي. شاهه لطيف جا هي بيت، انسان کي تڪڙ ۾ پاڻ کي ماهر سمجهڻ واري روش کان به روڪين ٿا. ڪو به ماڻهو، ڪنهن به ڪم ۾، جلدي ماهر بڻجي نه ٿو سگهي. مسلسل محنت ۽ سکڻ وارو عمل ئي مهارت طرف وٺي ويندو آهي. شاهه لطيف، جتي ٻين ڪاروباري ماڻهن جي ڪم کي ساراهيو آهي، اتي لوهار جي ڪم جي عظمت ۽ مهارت جو به قائل ۽ قدردان آهي.

مجموعي طور ڏٺو وڃي ته، شاهه جي رسالي ۾ اهڙو ڪو ورلي ئي سر هوندو، جنهن ۾ لوهار جي جڙيل ڪنهن نه ڪنهن شيءِ جو ذڪر ٿيل نه هجي. شاهه جي رسالي جي اٽڪل هر سر ۾ لوهار جي جڙيل ڪنهن نه ڪنهن شيءِ جو ذڪر ضرور ملندو.اهو ان





پورهيت جو پنهنجي پورهئي سان صدين جو رشتو آهي، جيڪو اڄ تائين قائم آهي. اهو ئي سبب آهي جو، هن پورهيت لوهار کي شاهه لطيف، پنهنجي پوري محبت سان ان جي پورهئي جي عظمت سبب واکاڻيو آهي.

## حوالا


۱. ڀٽ، الهرکيو ۽ پٿو، سليم، لطيفي (سهيڙيندڙ)، ’هٿ جا هنر-شاهه جي رسالي جي موضوعاتي لغت‘ (جلد پهريون)، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ۲۰۰۸ع، ص: ۲۵۷.

۲. بلوچ، عبدالستار، ’سنڌيڪا لغت‘ ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ۲۰۰۶ع، ص: ۷۱۸.

۳. شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘ ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ۲۰۰۵ع، ص:۷۳.

۴. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ’شاهه جو رسالو‘ ، ڪمشنر پريس ڪراچي، ۱۹۲۳ع، ص: ۳۸۳.

۵. ساڳيو، ص: ۳۷۷، ۳۷۸.

۶. شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘ ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي،۲۰۰۵ع، ص.۸۶.

۷. ساڳيو، ص ۸۹۴.

۸. شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘ ، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ۲۰۰۵ع، ص: ۶۶۳.

۹. ساڳيو، ص: ۶۷۲.

۱۰. قاضي، آءِ آءِ، علامه، ’شاهه جو رسالو‘ ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ۱۹۹۳ع، ص: ۳۳۷.

۱۱. ساڳيو، ص: ۳۳۷.

۱۲. شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘ ، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ۲۰۰۵ع، ص: ۶۱۰.

۱۳. قاضي، آءِ آءِ، علامه، ’شاهه جو رسالو‘ ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ۱۹۹۳ع، ص: ۳۰.

۱۴. ساڳيو، ص: ۳۱.

۱۵. ساڳيو، ص: ۳۲.

۱۶. ساڳيو، ص: ۳۲.

۱۷. ساڳيو، ص: ۳۲.

۱۸. ساڳيو، ص: ۳۲.

۱۹. ساڳيو، ص: ۳۱.

۲۰. سوڍر، شاهنواز، ڊاڪٽر، ’سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف‘ ، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، ۱۹۹۱ع، ص: ۲۵۸.

۲۱. شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘ ، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ۲۰۰۵ع، ص: ۶۷۷.